سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”ادل سومرو“ چوي ٿو تہ هاڻي سچ لهڻ تي آهي، هاڻي لب مهراڻ گهمڻ هلنداسين. بئراج کان موٽي وچ شهر ۾ گهنٽاگهر ڏسنداسين. ڏسو هي سهڻو شهر سکر آهي.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. سنڌ ۾ سکر کان وڏا شهر ڪهڙا آهن؟

ج. سنڌ ۾ سکر کان وڏا شهر ڪراچي ۽ حيدرآباد آهن.

2. سکر ۾ ڪهڙيون جايون ڏسڻ وٽان آهن؟

ج. سکر ۾ ڪرڙيءَ جو ميدان، معصوم شاهہ جو منارو، آدم شاهہ جي ٽڪري، ساڌ ٻيلو، سکر بئراج، ٻيٽ بکر، گهنٽا گهر، لبِ مهراڻ ڏسڻ وٽان آهن.

3. سکر شهر ۾ هندن جي ڪهڙي مشهور جاءِ آهي؟

ج. سکر شهر ۾ هندن جي مشهور جاءِ ساڌ ٻيلو آهي.

4. توهان جي شهر ۾ ڪهڙيون مشهور جايون آهن؟

ج. اسان جي شهر ۾ پير ميان رحمٰن رحہ جو مقبرو مشهور آهي.

### ب هيٺيان خال پريو.

1. سنڌ سڄيءَ ۾ ٽيون نمبر
2. آهہ سڄايو هيءُ سفر
3. هتي معصوم شاهہ جو منارو
4. ساڌ ٻيلي ٻيڙيءَ تي هلبو

## ج هيٺ هم آواز لفظ لکو.

جيئن: نمبر سکر

| | | | |
|---|---|---|---|
| تر | گِر | بَر | زر |
| قمبر | قبر | ٽِڪر | ڪڪر |
| شهر | زهر | صحر | بحر |

سبق 24

# هنگلاج جو سفر



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| گيڙوءَ رتا | نارنگي |
| مهاڻو | مڇي مارڻ وارو |
| محصول | ٽيڪس |
| اڙانگو | ڏکيو |
| ڦڙو | قطرو |
| رُج | رڻ پٽ |
| سُڃ | ڀينگ، ويراني |
| ڪشالا | تڪليفون |

## خلاصو

ڪجھ سنياسي فقير ۽ آئون ننگر پارڪر مان نڪري گنجي ٽڪر ڏانهن روانا ٿياسين. رڻ ۽ ٿر جو ڪنارو ڏيئي رحمڪي بازار مان ٿيندا، اچي گنجي ٽڪر تي ٻين فقيرن سان ملياسين. اهي اڳيئي اچي ڪاليءَ جي مندر وٽ گڏ ٿيا هئا. گنجو ٽڪر ان وقت ساڌن ۽ فقيرن جي پهرين منزل هوندو هو. جيڪي آديسي هنگلاج ويندا هئا، اهي گيڙوءَ رتا ڪپڙا ڍڪيندا هئا. آئون بہ گيڙوءَ رتي ڪفني اوڍي، پيرين اگهاڙو ڪاپاڙين سان گڏ گنجو ٽڪر چڙهي، هنگلاج لاءِ روانو ٿيس. حيدرآباد ڪان ڪراچيءَ وارو رستو وٺي، ڪينجهر ڍنڍ وٽان ٿيندا، هلايا ڪان جهنگ وارو پيچرو وٺي اڳتي وڃي پنيور ڪان نڪتاسين. پنيور ڪانپوءِ ملير آيا سين.

ملير ڪان ڪياماڙيءَ وٽ مورڙي مهاڻي جي ڪلاچيءَ جي ڪُن تي آيا سين. ان وقت يعني 1902ع ۾ جڏهن مون اهو سفر ڪيو هو، ڪراچي تمام ننڍو بندر هو. ڪراچيءَ ڪان پوءِ فقيرن هڪ اڳوئو، يعني سونهون پاڻ سان گڏ ڪنيو.

ڪراچيءَ ڪان هنگلاج 146 ميلن جي اڙانگي پنڌ تي آهي. ڪراچي چڙهي ستن ڪوهن جي پنڌ تي پهريون پاڙو ڪيوسين. حب نديءَ تي اچي پيرن وارا هرڻ ۽ روجهہ ڏٺاسين. حب نديءَ تا منزل ٽپي ”مريدي لڪ“ وٽ ڪارڙي نئين تي ٻيون پاڙو ڪيوسين. ان ڪان اڳ بريدي لڪ وٽ ڪارڙي ناڪي تي لس ٻيلي جي حاڪم جي ماڻهن ڪي پاڙي پيارڻ ۽ ڪير ڏيڻ جي عيوض محصول ڏنوسين. وندر جي منزل ڪان اڳتي هڪ رڻ اچي ٿو، جنهن کي ”گرو چيلي جو رڻ“ چون ٿا. هتي پاڙيءَ جو هڪ ڦڙو بہ نہ ملندو. هن رڻ ۾ گرو ۽ چيلو اُڃ سبب مري ويا هئا،جنهن ڪري اهو نالو پيس.

رڃ ۽ سڃ جا نظارا پسي، رڻ لتاڙي ڦوڙ نديءَ تي پهتاسين، جيڪا هاڙهي جبل جي چيڙي وٽ آهي. جبل تي مينهن پوڻ سبب ندي پار ڪرڻ لاءِ رستو ئي نہ هو. پوءِ پوئتي هٽي، ٻبوٽي ناڪو لنگهي جبل جا ڏکيا رستا پار ڪري هاڙهي جبل جي

اورئين پاسي هنگول نديءَ تي پهتاسين. پوءِ هاڙهي جبل پرئين پاسي اگهور ندي اُڪري هنگلاج پهتاسين.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. آديسي ڪهڙا ڪپڙا پهريندا آهن؟

ج: آديسي گيڙوءَ رتا ڪپڙا پهريندا آهن.

2. ملير تي اهو نالو ڪيئن پيو؟

ج: ملير نالو انهيءَ ڪري پيو جو اتي ميندي گهڻي ٿيند آهي.

3. هنگلاج کي هندو ۽ مسلمان ڇا ڪري مڃين ٿا؟

ج: هنگلاج کي هندو ماتا ڪري مڃين ٿا ۽ مسلمان ناني ڪري.

4. وندر جي منزل کان اڳتي جيڪو رڻ اچي ٿو، ان جو نالو ٻڌايو.

ج: وندر جي منزل کان اڳتي جيڪو رڻ اچي ٿو ان کي ”گرو چيلي جورڻ“ چيو وڃي ٿو.

### ب هيٺيان خال پريو.

1. اتي پُهتاسين ته اسان کان اڳيئي ٻيا ___فقير___ ڪاليءَ جي مندر وٽ گڏ ٿيا هئا.

2. جيڪي آديسي ___هنگلاج___ ويندا هئا، اُهي گيڙوءَ رتا ڪپڙا پائيندا هئا.

3. ___حيدرآباد___ کان ڪراچيءَ وارو رستو وٺي، ڪينجهر ڍنڍ کان ٿيندا، ڀنبور وٽان نڪتاسين.

4. ___1902___ع ۾ جڏهن مون اهو سفر ڪيو هو، ڪراچي تمام ننڍو بندر هو.

5. اڳتي هلڻ جي لاءِ فقيرن کڪ اڳوڻو يعني ___سونهون___ پاڻ سان ڪنيون.

ج لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
| --- | --- |
| سونهن | خوبصورتي |
| جملو | سنڌ ڌرتي سونهن سان پري پئي آهي. |
| اڙانگو | ڏکيو |
| جملو | وندر جي منزل ڪان اڳتي جيڪو رڻ اچي ٿو اهو ڏاڍو اڙانگو آهي. |
| ڪشالا | جفاڪشي |
| جملو | هنگلاج وڃڻ واري رستي ڏانهن ڏاڍا ڪشالا ڪرڻا پون ٿا. |

سبق 25



# ڏُوربيني

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| چٽو | صاف | موجوده | هاڻوڪي |
| جديد | نوان | اوزار | سامان |
| فلڪيائي | آسماني | حقيقي | ظاهري |
| ڪهڪشائن | تارن جا جهنڊ | وسيلي | ذريعي |
| ڄاڻ | معلومات | تصديق | گواهي/پڪ ڪرڻ |

## خلاصو

تمام پري وارين شين کي چٽيءَ طرح ڏسڻ لاءِ جيڪو اوزار ڪم ايندو آهي، ان کي دوربيني يا ٽيليسڪوپ چئبو آهي. دوربيني سڀ کان پهريان عرب سائنسدان ايجاد ڪئي. دوربينيءَ کي باقاعدي شڪل ڏيڻ ۾ انگريز سائنسدان روجر بيڪن جو نالو سر فهرست آهي، جيڪو تيرهين صديءَ ۾ ٿي گذريو آهي. جديد دوربينيءَ جي تشڪيل نيدرلينڊ جي سائنسدان 1608ع ۾ ڪئي. هاڻي ته علم فلڪيات جي ماهر سائنسدانن اهڙيون وڏيون دوربينيون ناهيون آهن، جو انساني اک انهن ڪروڙين ۽ اربين تارن ۽ ڪهڪشائن کي ڏسڻ جي قابل ٿي وئي آهي. چند ڏسڻ لاءِ فلڪي دوربين استعمال ڪئي ويندي آهي. ان ۾ به اُپٽيل بلوري شيشا لڳل هوندا آهن. هڪ بلوري شيشي کي جسم وارو يا آبجيڪٽو چئبو آهي، جنهن جو روشن مرڪز وارو مفاصلو ۽

اپرچر وڏا ٿيندا آهن. ٻئي بلوري شيشي کي اک وارو بلوري شيشو چئبو آهي. ان تي جسم واري بلوري شيشي وسيلي، پري مفاصلي واري جسم جو حقيقي ۽ ننڍو جسم ٺهندو آهي. اک واري بلوري شيشي جو ڪم بلڪل ساڳيو آهي، جيڪو وڏاءُ واري شيشي جو ٿيندو آهي، آخري عڪس اک واري بلوري شيشي وسيلي ڏسبو آهي، جيڪو مجازي، اُبتو ۽ وڏو ٿيندو آهي.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. سڀ کان پهريان دوربين ڪنهن ٺاهي؟

ج: **سڀ کان پهريان دوربين عرب سائنسدانن ٺاهي.**

2. موجوده دوربين ڪنهن ٺاهي؟

ج: **موجوده دوربين انگريز سائنسدان روجربيڪن ٺاهي.**
**جديد دوربين جي تشڪيل نيدرليند جي سائنسدان 1608ع ۾ ايجاد ڪئي.**

3. چند ڏسٽي ڪاميٽي ڪهڙي دوربين استعمال ڪندي آهي؟

ج: **چند ڏسٽي ڪاميٽي فلڪي دوربين جو استعمال ڪندي آهي.**

4. پري وارين شين کي ڪهڙي اوزارن سان چٽيءَ طرح ڏسي سگهجي ٿو؟

ج: **پري وارين شين کي چٽي طرح ڏسڻ لاءِ جيڪو اوزار ڪم ايندو آهي، ان کي دوربين يا ٽيلي اسڪوپ چئبو آهي.**

### ب هيٺيان خال ڀريو.

1. ___دوربيني___ سڀ کان پهريان عرب سائنسدان ايجاد ڪئي.
2. جديد دوربينيءَ جي تشڪيل نيدرليند جي سائنسدان ___1608___ ۾ ايجاد ڪئي.
3. انهيءَ مقصد لاءِ استعمال ٿيندڙ دوربينيءَ کي ___فلڪي دوربين___ چئبو آهي.
4. هڪ بلوري شيشي کي ___جسم وارو___ يا آبجيڪٽو چئبو آهي.

## ج لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| تصديق | گواهي |
| جملو | ڪابہ ڳالھ بغير تصديق جي نہ ڦهلائڻ گهرجي. |
| موجوده | هاڻوڪي |
| جملو | موجوده دؤر ۾ مشيني ڪم کي ترجيح ڏني وڃي ٿي. |
| اوزار | سامان |
| جملو | سائنس جي ڪري روز روز نوان اوزار ايجاد ڪيا وڃن ٿا. |
| حقيقي | ظاهري |
| جملو | اسان سيني کي حقيقي مالڪ الله تعاليٰ کان ئي مدد گهرڻ گهرجي. |
| وسيلي | ذريعي |
| جملو | دوربين وسيلي انسان ڪروڙين، اربين تارن ۽ ڪهڪشائن کي بہ ڏسي سگهجي ٿو. |

سبق 26



# گدري ڦار چنڊ

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| گدرو | ميوي جو نالو | ڦار | ڦاڪ |
| وڻڻ | پسند اچڻ | ٺَرڻ | خوش ٿيڻ |
| روشن | چمڪدار | ڳڏجي | ملي |
| طرف | پاسي | | |

## شعرن جي تشريح

گدري ڦار لڳي ٿو چنڊ،
ڪيڏو ٻارو وڻي ٿو چنڊ.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعره ”ن ب انمول“ چوي ٿي ته چنڊ گدري جي ڦار وانگر ٿو لڳي ۽ ڏاڍو وڻي ٿو.

چنڊ کي ڏسي اسان خوش ٿيون،
ڏسي اسان کي ٺري ٿو چنڊ.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعره ”ن ب انمولؔ چوي ٿي ته اسان چنڊ کي ڏسي خوش ٿيون ٿا ۽ چنڊ وري اسان کي ڏسي خوش ٿو ٿئي.

ٿڌڙي ٿڌڙي ڏئي روشني،
روشن جڳ ڪري ٿو چنڊ.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعره ”ن ب انمول ؐچوي ٿي ته چنڊ پنهنجي پياري ۽ ٿڌڙي روشنيءَ سان ساري جڳ کي روشن ڪري ٿو.

ٻارو! علم جون لاٽون ٻاريو،
سين ڪي ائين چوي ٿو چنڊ.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعره ”ن ب انمول چوي ٿي ته ٻاروواهان ٻه علم جي روشني ڦهلايو، چنڊ اوهان کي ائين ٿو چوي.

روشني ڪيو مون سان گڏجي،
پاڻ طرف سڏي ٿو چنڊ.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعره ن ب ”انمول چوي ٿي ته ٻارو چنڊ ٿو چوي ته اوهان ٻه مون وانگر روشني ڪريو.

چنڊ قدرت جو آهي تحفو،
ڪيڏو انمول وٽي ٿو ”چنڊ.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعره ” ن ٻ انمول چوي ٿي ته چنڊ قدرت جي طرفان مليل هڪ تمام ناياب تحفو آهي ۽ چنڊ ڏاڍو پيارو ۽ وڻندڙ آهي.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. چنڊ ڪنهن وانگر ٿو لڳي؟

چنڊ گدري جي ڦار وانگر لڳي ٿو.

2. جڳ کي روشن ڪير ڪري ٿو؟

جڳ کي روشن چنڊ ڪري ٿو.

3. چنڊ ٻارن کي ڇا ٿو چوي؟

چنڊ ٻارن کي چوي ٿو ته علم جون لاٽون ٻاريو.

### ب هيٺيان خال ڀريو.

1. گدري ڦار لڳي ٿو ____چنڊ____

2. ____روشن____ جڳ ڪري ٿو چنڊ

3. پارو ___علم___ جون لاٽون پاريو
4. چنڊ ___قدرت___ جو آهي تحفو
5. ڏسي اسان کي ___ٺري___ ٿو چنڊ

## ج هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد |
|---|---|
| روشني | اونداهي |
| ويهڻ | اٿڻ |
| ظاهر | باطن |

| لفظ | ضد |
|---|---|
| اعليٰ | ادنيٰ |
| ٿڌڙي | گرم |

سبق 27

# ڪٽنب ۽ ڪمائي



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ڪٽنب | خاندان | ڀيٽ | مقابلو |
| سادا | عام | هرو ڀرو | خوام خواهه |
| ملازم | نوڪر | مطمئن | دل جاءِ |
| واسطو | تعلق | غور | ڌيان |
| تندرست | صحتمند | پورهيو | ڌنڌو |
| پٽس | ان جي پيءُ | دراصل | حقيقت ۾ |

## خلاصو

عرفان ۽ طارق پاڻ ۾ روزانو گڏجي اسڪول ويندا هئا. ٻنهي جي پاڻ ۾ گهاٽي دوستي هئي. عرفان جو پيءُ ۽ طارق جو پيءُ هڪ سرڪاري آفيس ۾ ملازمت ڪندا هئا. طارق جي پيءُ جي پگهار گهٽي آهي، پر سندس ٻائر سادا ڪپڙا پائيندا آهن ۽

سندن ڪاڏو بہ چڱو نہ هوندو آهي. طارق جا نندا ڀائر تہ ڏاڍا ڪمزور آهن. منجهائن هڪ تہ ٻيو بيمار هوندو ئي هوندو آهي. سندن دوائن جو خرچ بہ گهڻو آهي. طارق جي پيءُ کي ست ٻار آهن، جڏهن تہ عرفان ۽ سندس ڀيڻ فقط ٻہ ڄڻا آهن، جنهن ڪري انهن جي سار سنڀال سٺي ٿئي ٿي، انهن جي صحت بہ سٺي رهي ٿي. ٻن ٻارن جي ڪري سندن ماءُ واندڪائيءَ واري وقت ۾ پرت پري، ڪجھ پئسا ڪمائي وٺندي آهي، جيڪي گهر جي ٻِي ڪنهن ضرورت ۽ ناهہ نوهہ ۾ ڪم ايندا آهن.

طارق جي پيءُ جي پگهار گهر ۾ 9 ڀاتي هئڻ ڪري مس پوري ٿئي ٿي.

ان ڪري اسان سڀني کي گهرجي تہ پنهنجي ڪمائي ۽ ڪٽنب ٻنهي تي نظر رکڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪٽنب وڏو هجي تہ ڪمائي بہ ان سارو هجي، تہ جيئن ان جون سموريون گهرجون پوريون ٿي سگهن ۽ سڀئي گهر جا ڀاتي سٺي زندگي گذاري سگهن. ان ڏس ۾ اهو بہ ضروري آهي تہ ماڻهو نہ رڳو ڪمائيءَ مطابق خرچ ڪري، بلڪ ان مان ڪجھ بچت ڪري تہ جيئن مشڪل گهڙيءَ ۾ ڪنهن جي آڏو هٿ نہ ٽنگڻو پوي.

## مشق

**١ هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

1. عرفان ۽ طارق ٻنهي جا پيئر ڇا ڪندا هئا؟

ج: **عرفان ۽ طارق ٻنهي جا پيئر سرڪاري ملازم هئا.**

2. طارق جي گهر جا ڪُل گهڻا ڀاتي هُئا؟

ج: **طارق جي گهر جا ڪُل ڏهہ ڀاتي هئا.**

3. عرفان جي ماءُ واندڪائيءَ جي وقت ۾ ڇا ڪندي هُئي؟

ج: **عرفان جي ماءُ واندڪائيءَ جي وقت ۾ هٿ جو هنر ۽ پرت جو ڪم ڪندي هئي.**

4. گهر کي صاف رکڻ سان ڇا ٿيندو آهي؟

ج. گهر کي صاف رکڻ سان ڪيترين ئي بيمارين کان بچي سگهجي ٿو.

## ب. صحيح جملي جي سامهون (✓) ۽ غلط جي سامهون (X) جو نشان لڳايو.

1. عرفان ۽ طارق پاڻ ۾ سُٺا دوست هئا. ✓
2. عرفان جو پيءُ ۽ طارق جو پيءُ ٻئي دڪاندار هئا. ✗
3. طارق جي پيءُ جي پگهار، عرفان جي پيءُ کان گهٽ هئي. ✗
4. طارق جي ماءُ واند ڪائيءَ ۾ پرت پريندي هئي. ✗
5. هر ڪنهن کي گهرجي ته ڪمائيءَ مطابق خرچ ڪري. ✓

## ج. هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| دوست | دشمن | عورت | مرد |
| پٽ | ڌيءَ | گهٽ | وڌ |
| مناسب | نامناسب | ڏکيو | سکيو |

## د. لفظن جي معنيٰ لکي ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| غور | فڪر/ڌيان |
| جملو | عرفان پنهنجي پيءُ جون ڳالهيون غور سان ٻڌي پيو. |
| دراصل | حقيقت ۾ |
| جملو | مليريا دراصل پلازموڊيم جي ڪري ٿئي ٿي. |
| تندرست | صحتمند |
| جملو | تندرست ماڻهو هر ڪم ڪري سگهي ٿو. |

| | |
|---|---|
| ڪٽنب | خاندان |
| جملو | ڪٽنب ۾ ڪمائي ٻنهي ڪي نظر ۾ رکڻ گهرجي. |
| پورهيو | ڏنڌو |
| جملو | پورهيو ڪرڻ عيب نہ سمجهجي. |

# ملاکڙو



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| ملاکڙو | مَلهه |
| نگاهه | نظر |
| آڳاتي | اڳوڻي |
| ليکي | سمجهي |
| ڪوٽن | قلعن |
| ورڪنجي | شلوار مٿي ڪري |
| مڱڻهار | ميراثي |
| پلاند | بدلو |

## خلاصو

ملھ راند کي اسان جي پهلوانن پنهنجي هنر ۽ انگبازيءَ سان اوج تي پهچايو آهي. هيءَ راند آڳاٽي زماني کان کيڏي وجي ٿي. ميرن جي صاحبيءَ ۾ ملھ ترقي ڪري، اهڙي اوج تي پهتي، جو هاڻي اها سنڌ جي قومي راند ليکي وڃي ٿي. اڳ امير، سردار ۽ وڏيرا پنهنجي تيار ڪيل ملهن جو مقابلو ٻين ملهن سان ڪرائيندا هئا. شروعات ۾ چوندڻ ملهن جو مقابلو ٿيندو هو، پر پوءِ جيئن راند کي اهميت ملڻ لڳي، تيئن ملھ ٻه وڏڻ لڳا ۽ عام ماڻهن ۾ پهلوانيءَ جو شوق وڌيو، انڪري ملهن جا مقابلا اميرن ۽ وڏن ماڻهن جي درٻاري ميدانن ۽ ڪوٽن کان نڪري، ڪليل ميدانن ۾ ٿيڻ لڳا. ملھ جي مقابلي کي ”ملاڪڙو“ چئبو آهي.

ملاڪڙي ۾ گهڻو ڪري ملهن جون ٻه ٽوليون هونديون آهن، خاص ڪري هڪڙي هوندي آهي اترادي ملهن جي ٽولي ۽ ٻي هوندي آهي لاڙي ملهن جي ٽولي. ملھ پُنا اگهاڙا ڪري وڏين سٿڻن جا ور ڪُنجي ويهندا آهن. پوءِ هر هڪ ٽوليءَ مان هڪ ڄڻو پنهنجي جوڙ سان سندرو ڪندو آهي. جڏهن سندرا ٻڌي جوڙيون تيار ٿي ويندیون آهن، تہ پوءِ هر هڪ پاسي مان هڪ جهونو ملھ اٿي ايندو آهي ۽ ملهن جا سندرا چڪائي ڪين هٿ وجهائي پري ٿي بيهندو آهي. ملاڪڙي جي هڪ ٻانهينءَ ۾ مگڻهار دهلن ۽ شرنائين تي ملاڪڙي جون ڌنون پيا وڄائيندا آهن ۽ ملھ هڪٻئي کي وارا، جاننا، اڙيون ٻاهريان ۽ اندريان پيا هڻندا آهن. هڪ جوڙي ۾ ملهون وڙهندي آهي. جنهن پوئين ملھ دسي، ان سرسي ڪئي. پوءِ جنهن پاسي جو ملھ دسجي پوندو، اتان وري هڪ ٻيو ملھ سرسي ڪندڙ کان ان جي پلاند وٺڻ لاءِ اچي سندرو ڏيندو. اهڙيءَ طرح هڪ ملاڪڙي ۾ هڪ ئي جوان ٽن ملهن سان وڙهي سگهندو.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. ”ملهه“ راند ڪهڙي دؤر ۾ ترقي ڪئي؟

ج. ”ملهه“ راند ميرن جي حڪمرانيءَ وقت ترقي ڪئي.

2. آڳاٽي زماني ۾ ملهه راند ڪٿي کيڏي ويندي هئي؟

ج. آڳاٽي زماني ۾ ملهه راند صرف وڏيرن ۽ اميرن جي ڪوٺن ۾ کيڏي ويندي هئي.

3. هڪ جوڙي ڪيترين مَلهون وڙهندي آهي؟

هڪ جوڙي ٻه ملهون وڙهندي آهي.

4. ”ملهه“ راند سان ملندڙ جلندڙ رانديون ڪهڙن ملڪن ۾ کيڏيون وينديون آهن؟

ج. ”ملهه“ راند سان ملندڙ جلندڙ رانديون ٻين ملڪن جهڙوڪ روس، جاپان ۽ افغانستان ۾ به کيڏيون وينديون آهن.

## ب هيٺيان خال پريو.

1. ملاڪڙي جي راند هتي آڳاٽي زماني کان وني کيڏي وجي ٿي.
2. شروع ۾ ملهه جي راند صرف وڏيرن ۽ اميرن جي ڪوٺن ۾ تيندي هئي.
3. ملهه جي مقابلي کي ”ملاڪڙو“ سڏبو آهي.
4. هر هڪ ٽوليءَ مان هڪ جٽو پنهنجي جوڙ سان سندرو ڪندو آهي.
5. اسان جي ملڪ ۾ بهادريءَ ۽ پهلوانيءَ کي هميشه عزت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو آهي.

## ج هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| جهونو | جوان | تندرست | بيمار |
| خوشي | غمي | امير | غريب |
| طاقتور | ڪمزور | مشهور | گمنام |

## د هيٺين جملن مان ضمير متڪلم، ضمير حاضر ۽ ضمير غائب چونڊيو.

(1) آئون سبق پڙهان ٿو.
(2) اُهي هليا ويا.
(3) توهين سُٺا يار آهيو.
(4) اسين ماني کائون پيا.
(5) تون ڪالھ ڇا پئي ڪيو.
(6) هو ڪالھ آيو.

ضمير متڪلم: آئون، اسين

ضمير حاضر: توهين، تون

ضمير غائب: اُهي، هو.

سبق 29

# ايچ ايم خوجا



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| سونهاري | خوبصورت | ڳوڙهو | غور سان |
| واپاري | ڪاروباري | وقف | سونپڻ |
| ابتدائي | شروعاتي | تعمير | اڏاوت |
| مقرر | طئي ڪيل | دانشور | عقلمند |
| ڊسٽرڪٽ | ضلعو | ماهر | مهارت رکندڙ |
| معائنو | چڪاسڻ | اونو | خيال |

## خلاصو

ايچ ايم خوجا اهڙن ماڻهن مان هڪ آهي، جنهن پاڻ ارپڻ واري جذبي سان ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪئي ۽ تعليمي ميدان ۾ شاندار خدمتون سرانجام ڏنيون. سنڌس پورو نالو حاجي خان ۽ سنڌس پيءُ جو نالو مهر علي آهي، جيڪو هڪ ننڍو واپاري هو. ايچ ايم خوجا 8 آڪٽوبر 1907ع تي ٽنڊي باڳي ۾ ڄائو. ان شروعاتي تعليم بہ اتي ورتي، جتي محمد صديق ”مسافر“ جهڙو استاد مليس. ثانوي تعليم نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد سنڌ مان ورتائين، جتان 1928ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائين. 1932ع ۾ ڊي.جي

ڪاليج ڪراچيءَ مان بي.اي ڪري، لاڙڪاڻي ۾ استاد مقرر ٿيو. 1934ع ۾ نوشهروز فيروز ۾ استاد مقرر ٿيو. 1935ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان پنهنجي ذاتي خرچ تي بي.ٽي امتحان پاس ڪيائين. پوءِ سکيا ورتل استاد طور ميرپور خاص هاءِ اسڪول ۾ مقرر ٿيو. 1936ع ۾ سرڪاري نوڪري ڇڏي ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ نوابشاهه جي هڪ ننڍي مڊل اسڪول ۾ هيڊ ماسٽر ٿيو. سندس محنت ۽ ڪوشش سان 1940ع ۾ ان مڊل اسڪول کي هاءِ اسڪول جو درجو ڏنو ويو.

پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ واري اسڪول کي بہ ايچ ايم خوجا "جي.پي" هاءِ اسڪول ۾ شامل ڪيو ويو، جيڪو "خوجا گارڊن" جي نالي سان مشهور آهي. هن شاگردن لاءِ هاسٽلون، استادن لاءِ ڪوارٽر ۽ لطيف هال ٺهرايا. انٽرنيشل هاسٽل پڻ جوڙايائين.

ايچ ايم خوجا کي گلن ۽ وڻڪار سان بہ ڏاڍو چاهہ هو. ميونسپل ڪارپوريشن جي اعزازي ميمبر جي حيثيت سان هن نوابشاهه ۾ وڻ پوکرايا ۽ رستا ٺهرايا. نوابشاهہ جا سڀ تعليمي ادارا، جهڙوڪ: ميونسپل "اسلاميہ" هائر سيڪنڊري اسڪول، گورنمينٽ هائر سيڪنڊري اسڪول، ايچ ايم خوجا "اپوا" گرلس اسڪول، گورنمينٽ ڊگري ڪاليج، قائداعظم لا ڪاليج بہ سندس ڪوشش جو نتيجو آهي. ان ڪان سواءِ ايچ ايم خوجا هاءِ اسڪول سوسائٽي نواب شاهہ ۽ ايچ ايم خوجا گرلس مڊل اسڪول "نيورا" بہ سندس خرچ ۽ محنت سان قائم ٿيا.

ايچ ايم خوجا 55-1954ع ۾ فورڊ فائونڊيشن آمريڪا جي دعوت تي آمريڪا بہ ويو. تعليمي ماهر، دانشور، ادب ۽ ثقافت جي گهڻ گهري ايچ ايم خوجا 20 سيپٽمبر 1999ع تي 92 ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪئي.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. ايڇ ايم کوجا جو پورو نالو ڇا آهي؟

ج. ايڇ ايم کوجا جو پورو نالو حاجي خان آهي.

2. هن ابتدائي تعليم ڪٿان حاصل ڪئي؟

ج. هن ابتدائي تعليم ٽنڊي باگي مان حاصل ڪئي.

3. ايڇ ايم کوجا ڪڏهن ۽ ڪٿي ڄائو؟

ج. ايڇ ايم کوجا 8 آڪٽوبر 1907ع تي ٽنڊي باگي ۾ ڄائو.

## ب صحيح جواب چونڊيو.

1. ايڇ ايم خوجا ٻه اهڙين شخصيتن مان هڪ آهي.
(i) ايم ايڇ (ii) ايڇ ايم✓ (iii) اين ايڇ

2. ايڇ ايم خوجا 8 آڪٽوبر 1907ع تي ٽنڊي باگي ۾ ڄائو.
(i) 8 آڪٽوبر✓ (ii) 8 نومبر (iii) 8 ڊسمبر

3. ڪراچيءَ مان بي اي ڪيائين ۽ لاڙڪاڻي ۾ استاد مقرر ٿيو.
(i) شڪارپور (ii) سکر (iii) لاڙڪاڻي✓

4. ايڇ ايم خوجا شاگردن لاءِ هاسٽلون، استادن لاءِ ڪوارٽر ۽ لطيف هال تعمير ڪرايا.
(i) سچل هال (ii) خوجا هال (iii) لطيف هال✓

5. هن تعليمي ماهر، دانشور ۽ اديب 92 ورهين جي ڄمار ۾ 20 سيپٽمبر 1999ع ۾ وفات ڪئي.
(i) 72 ورهين (ii) 92 ورهين✓ (iii) 93 ورهين

## ج هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| وڏو | ننڍو | ڏک | سک |

| | |
|---|---|
| شروعاتي | آخري |
| زندگي | موت |

| | |
|---|---|
| ٿهرائڻ | ڏهرائڻ |

ج لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| ڳوڙهو | غور سان |
| جملو | اسان کي امتحان جي تياريءَ لاءِ ڳوڙهو مطالعو ڪرڻ گهرجي. |
| وقف ڪرڻ | سونپي ڇڏڻ |
| جملو | ايچ ايم کوجا پنهنجي زندگي قوم لاءِ وقف ڪري ڇڏي. |
| تعمير | ٺاهڻ/جوڙڻ |
| جملو | ايچ ايم کوجا، هاسٽل، ڪوارٽر ۽ لطيف هال تعمير ڪرايا. |
| دانشور | عقلمند |
| جملو | هن عظيم دانشور 92 ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪئي. |
| ماهر | مهارت رکندڙ |
| جملو | ايچ ايم کوجا تعليمي ماهر هو. |

سبق 30

# ٽيليفون



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ٽيلي | پري | فون | آواز |
| رِنگ | گھنٽي | پھريان | اڳ ۾ |
| ڏيان | غور | ڪچھري | ڳالھ ٻولھ |
| سھولت | آساني | ڳنڍڻ | ملائڻ |
| سُک | سھولت | | |

## شعرن جي تشريح

ٽيليفون جي رنگ وڳي،
ننڊ مان منھنجي اک کُلي.

**سمجھاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته آئون ننڊ پيو هئس ته ٽيليفون جي رنگ وڄڻ ڪري ننڊ مان اُٿيس.

کنيم رسيور هٿ ۾ مان،
چيم ته آهيو ڪير توهان؟

**سمجھاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته ٽيليفون جو رسيور هٿ ۾ کڻي مان پڇا ڪئي ته توهان ڪير آهيو؟

پر هن پھريان سلام ڪيو،
۽ پوءِ وڌيڪ ڳالھايو.

**سمجھاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته ٽيليفون ڪرڻ واري تفصيلي ڳالھائڻ کان اڳ ۾ سلام ڪيو ۽ پوءِ وڌيڪ ڳالھائڻ شروع ڪيو.

هُــن جو طريقو سنو لڳم،
سلام ڪانپوءِ وڏيڪ پُڇيم.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته ٽيليفون ڪندڙ جو اهو طريقو مونکي ڏاڍو وڻيو، جو پهريان هن سلام ڪيو. سلام ڪرڻ ڪان پوءِ مان هن ڪان وڏيڪ پڇيو.

چيائين ڪيو آواز ڏي ڏيان،
اوهان جو آهيان دوست عرفان.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته ٽيليفون ڪندڙ چيو ته آواز ڏانهن ڌيان ڪري مونکي سڃاڻيو. مان توهان جو دوست عرفان آهيان.

ڏاڍو خوش ٿيس اهو ٻُڌي،
اسان جي آهي دوستي سُٺي.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته مان اهو ٻُڌي تمام گھڻو خوش ٿيس ڇوجو عرفان منهنجو تمام سنو دوست آهي.

پُڇيو مون توهان آهيو ڪٿي؟
چيائين ته آهيان ڪوئٽه ۾.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته مان پنهنجي دوست عرفان ڪان پڇيو ته توهان هن وقت ڪٿي آهيو؟ ته عرفان جواب ڏنو ته آئون ڪوئٽه شهر ۾ آهيان.

پوءِ ته ڪچهري ڪئي گھڻي،
فون جي سهولت ڏاڍي وڻي.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته پنهنجي دوست عرفان ڪي سڃاڻڻ ڪانپوءِ ته اسان ٻنهي تمام گھڻي ڪچهري ڪئي ۽ فون جي اها سهولت ڏاڍي وڻي.

ٽيلي فون تہ دنيا سڄي،
پاڻ ۾ آهي ڳنڍي ڇڏي.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر "نديم تصور" چوي ٿو تہ ٽيليفون جي سهولت سبب هاڻي ائين ٿو لڳي تہ ڄڻ سڄي دنيا پاڻ ۾ ڳنڊيل آهي.

جنهن بہ شهر يا ملڪ هجو،
حال احوال ٿا پُڇي سگهو.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر "نديم تصور" چوي ٿو تہ اوهان ڀلي ڪهڙي بہ شهر توڙي ڪهڙي بہ ملڪ ڇونہ هجو پر هڪٻئي ڪان ٽيليفون تي حال احوال ۽ خيريت پُڇي سگهو ٿا.

هاڻي تہ اِن آ ترقي ڪئي،
ڏاڍي آهي نهي پئي.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر "نديم تصور" چوي ٿو تہ ٽيليفون هاڻي ترقي ڪئي آهي ۽ هاڻي ڏاڍي سهڻي ٿي پئي آهي.

ٿي وئي آهي موبائل فون،
جهڙي رکو ان ۾ رنگ ٽون.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر "نديم تصور" چوي ٿو تہ هاڻي اها ترقي ڪري موبائل فون ٿي پئي آهي، جنهن ۾ توهان پنهنجي مرضيءَ واري رنگ ٽون رکي سگهو ٿا.

جنهن سان "تصور" ڳالهايو،
فون جو آهي سُک وڏو.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر "نديم تصور" چوي ٿو تہ جنهن مهل بہ چاهيو ۽ جنهن سان بہ چاهيو ان وقت ئي ڳالهائي سگهو ٿا. اهو ٽيليفون جو تمام وڏو سک آهي.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. ننڍ مان اک ڪيئن کُلي؟

ج: **ٽيليفون جي رنگ وڄڻ سان ننڊ مان اک کُلي.**

2. ٽيليفون سڄي دنيا کي ڇا ڪري ڇڏيو آهي؟

ج: **ٽيليفون سڄي دنيا کي ڳنڍي ڇڏيو آهي.**

3. فون هاڻي ترقي ڪري ڇا ٿي وئي آهي؟

ج: **فون هاڻي ترقي ڪري موبائل فون ٿي وئي آهي.**

## ب بيت مڪمل ڪريو.

1. جنهن ۾ شهر يا **ملڪ** هجو.
2. ننڊ مان منهنجي **اک کُلي**
3. ٿي وئي آهي **موبائل فون**
4. جهڙي رکو اِن ۾ **رنگ ٽون**

## ج لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ | |
|---|---|---|
| ڳنڍڻ | جوڙڻ | اسلام رشتي داري ڳنڍڻ جو حڪم ڏئي ٿو. |
| ڳوٺ | ٻهراڙي | ڳوٺ جا ماڻهو سادا هوندا آهن. |
| صبح | فجر | صبح جو پکي مٺيون مٺيون ٻوليون ڪندا آهن. |
| ڏک | غم | هڪ ٻئي جي ڏک سک ۾ ڪم اچڻ گهرجي |
| موت | وفات | هر ڪنهن جو موت برحق آهي. |

سبق 31

# تڏا ۽ ٽونريون ٺاهڻ



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| سُگهڙ | ترقي ڪيل | قديم | پراڻو |
| بهادر | جوڌو | هنر | ڪاريگري |
| فائديمند | ڪارائتو | اوطاق | مهمان خانو |
| مفت | بنا قيمت | اڪثر | گهڻو ڪري |
| مالوند | جانور پاليندڙ | ڪيڙڻ | هر ڏينهن |
| حڪومت | سرڪار | روزگار | ڌنڌو، ڪاروبار |

### خلاصو

اسان جي سنڌ قديم زماني کان وٺي سگهڙ ۽ هٿ جي هنرن ۾ مشهور رهي آهي. هتي جا مرد محنتي ۽ بهادر ته عورتون سگهڙ ۽ سچاڻ آهن. مرد پوکي راهي ته عورتون وري گهر جي رڌي پڪي ۾ مصروف رهن. عورتون گهر جي ڪم ڪار کان پوءِ هٿ جو پورهيو به ڪن. اهڙن هنرن ۾ تڏا ۽ ٽونريون شامل آهن.

تڏا ڪجيءَ جي ڦرهن، يعني پنن ۽ ”پيس“ نالي هڪ جابلو ٻوٽي جي پنن مان ٺاهيا وڃن ٿا. اڳي گهرن توڙي اوطاقن ۾ تڏن ۽ تونرين جو استعمال عام جام هو. انهيءَ ڪري سنڌيءَ ۾ هيءَ چوڻي مشهور آهي ته ”ادا، فلاڻو پنهنجي تڏي وارو آهي“. هن وقت به مسجدن اوطاقن ۽ گهرن ۾ تڏا اڪثر ڪري ڪم اچن ٿا.

سنڌ جي اترئين پاڱي، يعني خيرپور، سکر ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ ڪجيءَ جي ڦرهن مان تڏن ٺاهڻ جو هنر عام جام آهي. هتي ڪجين جا تمام گهڻا باغ آهن، ان ڪري ڦرها بنا پئسي ملن ٿا. ڪجيءَ جي ڦرهن مان تڏا،پنڊيون يا پکا ۽ ٻيو سامان ٺهي ٿو. هي سڀ شيون گهڻو ڪري عورتون ٺاهين ٿيون.

جون، جولاءِ ۽ آگسٽ جي مهينن ۾ ڪارڪن کي سڪائڻ ۽ انهن کي بند ڪرڻ لاءِ تڏن جي تمام گهڻي ضرورت ٿئي ٿي. پيس مان تڏن ٺاهڻ جو هنر به سولو آهي. پيس جو تڏو ڏاڍي ڪارائتي شيءِ آهي.

زمين تي ڪيتري به مٽيءَ ۾ تڏو وڇائبو ته ميرو ڪين ٿيندو. تونريون ”پن“ نالي هڪ ٻوٽي جي پنن مان ٺهنديون آهن. پن تلائن ۽ ڍنڍن ۾ عام جام ٿيندي آهي. پن جا پن نرم ۽ لسا ٿين ٿا، ان ڪري تونريون ڏاڍيون نرم هونديون آهن. اهوئي سبب آهي ته ماڻهو تونرين کي ڏاڍو پسند ڪندا آهن ۽ کٽ تي وڇائي آرام به ڪندا آهن.

تونريون نه فقط سنڌ ۾ وڪامن ٿيون، پر سنڌ کان ٻاهر به موڪليون وڃن ٿيون.

## مشق

**1 هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

1. اسان جي سنڌ قديم زماني کان ڇا جي لاءِ مشهور آهي؟

ج: اسان جي سنڌ قديم زماني کان وڻي سُڌريل هنرن ۾ مشهور آهي.

2. سنڌ جون عورتون گهرن ۾ رڏپچاءَ ڪان پوءِ ڇا ڪنديون آهن؟

ج. سنڌ جون عورتون گهرن ۾ رڌ پچاءُ ڪان پوءِ هٿ جو پورهيو ڪنديون آهن.

3. تڏا ڇا مان ٺاهيا ويندا آهن؟

ج. تڏا ڪجيءَ جي ڦرهن يعني پنن مان ٺاهيا ويندا آهن.

4. ٽونريون ڇا مان ٺاهبيون آهن؟

ج. ٽونريون وري ”پيس“ نالي ٻوٽي جي پنن مان ٺاهيون آهن.

5. بيروزگار ڳوٺاڻن جو وقت ڪارائتو گذارڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

ج. جيڪڏهن حڪومت هٿ جي هنرن کي ترقي ونرائي ته بيروزگار ڳوٺاڻا روزگار سان لڳيو وڃن ۽ انهن جو وقت به ڪارائتو گذرڻ لڳي.

## ب. هيٺيان خال ڀريو.

1. سنڌ جا مرد ___محنتي___ ۽ بهادر، جڏهن ته عورتون ___سگهڙ___ آهن.

2. اهڙن هنرن ۾ تڏا ۽ ٽونريون ڏاڍيون ___فائديمند___ آهن.

3. ڪجين جي ڦرهن مان ___تڏا، پنديون، هٿ وارا پکا___ ۽ ٻيو سامان ٺهي ٿو.

4. اهي شيون اڪثر ڪري گهرن ۾ ___عورتون___ ناهن ٿيون.

5. پيس جو تڏو خاص ڪري ___مالوند___ ماڻهن لاءِ نهايت ڪمائتي شيءِ آهي .

6. ٽونريون وري ___”پيس“___ نالي ٻوٽي جي پنن مان ٺهنديون آهن.

## ج لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| قديم | پراڻي |
| جملو | سنڌ قديم زماني کان وٺي سٽريل هنرن ۾ مشهور آهي. |
| هُنر | ڪاريگري/مهارت |
| جملو | سنڌ جون عورتون هنر مند آهن. |
| سُگهڙ | سيبتي |
| جملو | سنڌ جا مرد محنتي ۽ عورتون سگهڙ آهن. |
| مالوند | مال وارا |
| جملو | پيس جو ڌڻو مالوند ماڻهن لاءِ ڪمائتي شيءِ آهي. |
| ڪارائتو | فائدي وارو |
| جملو | عورتون پنهنجو وقت ڪارائتو بڻائڻ لاءِ هٿ جو پورهيو ڪنديون آهن. |